چونڊ ڊزائينڊ ڪلامءِ بيت

چيف سردار محمود خان گھوٽو
المعروف
شھنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري السروري
قلندر رحم

Design & PDF Made By:
Sufi Mohammad Arif "Mohyal"

هِتڙي جنهن سڄاتو.هُت بي ديدار ٿيندو،
هِتڙي نہ جنهن سڄاتو.هُت بي انڪار ٿيندو.

جهڙي خيال جيئندين.هُت بي اوئين تون ٿيندين؛
سيئي حساب ڏيندين.باطن اظهار ٿيندو.

سِرَ ڪي آهي سڄاڻ.پنهنجو پاڻ ڪي ئي ڄاڻ،
قطرو نہ غير آڻ.فعلن مختيار ٿيندو.

آ دم سندوئي اولو.وهمن وِڌو آ رولو،
پائي بشر جو چولو.ثابت سردار ٿيندو.

صورت جو سانگ ٿاهي.ڪثرت بازي بنائي،
انسان مخزن آهي.اهڙو اقرار ٿيندو،

"محمدڻ" سڄاڻج معني.سا جند جان آهي جانا،
آباد ڪر آستانا.اصلي اسرار ٿيندو.

شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

For more about Hadi Sardar plz visit m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto OR
گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

مدہوش معرفت میں مستان ہم ہوتا ہوں
ہر ہر ہمہ حیرت میں حیران ہم ہوتا ہوں

شرابی شوق پر ساگر مخمور ھم مستی
چلی کثرت آئی وحدت نوشِ جان ہم ہوتا ہوں

شملا باندھکے شاہی چھوڑوں عناصر جسم کے
انا الحق کا ھو کا ھُلا کے سولی پر نیشان ہم ہوتا ہوں

زاھد کیا جانے اس راز وحدت کو
اُسکا کام ہے کتابوں شرک شادان ہم ہوتا ہوں

"محمدن" مئے جام پی کر اس راز کو نہ کھولو
کیا اندر کیا باہر ھم خوان ہم ہوتا ہوں

چیف سردار محمود خان گھوٹو عُرف سردار "محمدن" فقیر گھوٹو قلندرؒ

پهرين سانگو سِرَ جو لاهِ
پلي پوءِ عشق کي هٿڙو لاءِ

عشق جيئن منصور ڏي آيو
سفر سوريءَ جو کَيَڙو سعيو
تون به پير اوئين هت پاءِ

عشق پهرين معشوق کي ٿيندو
عاشق پاڻهي سر پوءِ ڏيندو
يجي اوٽ ادب جي آءُ

عشق عنايت افضل اعليٰ
ايندا بهادر بيسِر بالا
هڪ خام خوديءَ کي کاءُ

عشق الاهي کم آ شاهي
مرد ايندا مهمير کي ماهي
جهڙي تهڙي جي ناهي جاءِ

عشق امام حسينؓ جو آهي
سيکو طالب اُن جو آهي
ويل وڃيئي ٿي واءِ

عشق محمدڻ تخت کمالي
وِرهَ وحدت ۾ وئي وصالي
اهو کانَ جو اٽئي داءُ.

اسان آدم تي هِت آئي هُون
سر سختيون سور سهائي هُون

ڪٿي مُلان واعظي نمازي هون.ڪاٿي عاشق بيسِر غازي هون
ڪاٿي رِند رضا تي راضي هون.سڀ صورت سير سمائي هون

عرش ڪُرش دي واسي هون.اِتّ عشق دي لئي ته اداسي هون
ڪَڏان خوب خماريل خاصي هون.سڀ غير گمان وڃائي هون

ڪڏان شوق شريعت شامل هون.ڪڏان عين حقيقت عامل هون
ڪڏان طلب توحيدي تجمل هون.ڪڏان جوش خروش جلائي هون

ڪاٿي مستيء ۾ منصور ٿيوسي.ڪٿي رند قلندر مخمور ٿيوسي
ڪاٿي شوق شهودي شهور ٿيوسي.ڪاٿي سولي سر سلهائي هون

ڪاٿي شيرين ۽ فرهاد آهيون.ڪاٿي عشق ازل امداد آهيون
ڪاٿي بَر بحرَ آباد آهيون.آهو پنهنجو ٻول ٻُلائي هون

ڪاٿي سِر "محمدؐ سردار" آهيون.هر معنيٰ منجھ مختيار آهيون
ڪاٿي موج حُسن منٺار آهيون.ڪاٿي هوڪا حقيقي هُلائي هون.

چيف سردار محمود خان گهوٽو
المعروف
شهنشاهہ سخي سردار محمدؐ فقير صوفي القادري
قلندر

m.facebook.com/ / Dargah Mohamad Faqir Ghoto

سردار محمدڻ فقير گھوٽو

(سُر ڪامول)

مين هون راجا۔خواجا مين هون
مالڪ ڪُل مختيار ٻہ مين هون

رانوڻ ڪرشن يٽ ٻہ مين هون
گُرو گوبند گِرنار ٻہ مين هون

آب حياتی خضر ٻہ مين ہون
دارا سڪندر سردار ٻہ مين هون

موسیٰ طور تجلی مين هون
قائم قلندر قربدار ٻہ مين هون

عبد ٻہ مين هون،معبود ٻہ مين هون
سولیء مٿی بردار ٻہ مين هون

پيرل❊ مين هون پارس مين ہون
او ڏيھ ڏٺی ڏاتار ٻہ مين هون

مين هان "محمدڻ" مستیء مُحڪم
انا احمد اظهار ٻہ مين هون

❊
هادي شهنشاه پيرل فقير،مالڪ سردار محمدڻ فقير جن جا مرشد پاڪ آهن

سردار محمدڻ فقير گھوٽو

جي ئي حد حجابين اَڙيا،
سي چاڙھي عشق نہ چڙھيا،

نفل نمازان سوين سجدا،
ڪوڙين ڪتابان پڙھيا،

تقوا طاعت وِرد وظيفا،
اهي طلب طمع ۾ تڙيا،

شان شرف لئہ بازيون بنائن،
اهي مُصلي مَڪر جي مَڙھيا،

دڙڪي دوزخ بهشت دلاسي،
وهم انهيءَ ۾ وَڙيا،

"محمدڻ" مرد سيئي سڏجن،
جيڪي سوز سورن ۾ سڙيا.

m.facebook.com/ Dargah Mohamad Faqir Ghoto
For more poetry plz visit page on facebook

ناهي ويل سمهڻ جي۔آٿي ڪر تون يار ڪتڻ جي

سڪ سچي سان ڳَت تون۔ڏاڍي ڪر تون ڪنبڻ جي

سورن واري ڳالهڙي۔ناهي ڪنهن جي سلڻ جي

هي دنيا اٺئي اڍائي گهڙيون۔همٿ ڪر تون هلڻ جي

پنڌ ڪر تون پِرت سان۔راتيون ڏينهان ڪر تون روئڻ جي

”محمدڻ“ مست ٿيءُ مُدامي۔سدا ڪر تون سڄڻ جي

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

For more poetry plz visit page on facebook گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

m.facebook.com/ Dargah Mohamad Faqir Ghoto

هادي سردار محمدڻ فقير گهوٽو صوفي القادري قلندر

مار نہ ماٺا ڪري ڪري،
دلبر مونکي ذري ذري.

چاهہ مئون ڇُوچي ڇڏي ٿي ڏيئي،
سوچ ۽ سمجهہ سموري ويئي،
مشڪل ۾ آ ڪايا پيئي،
باهہ ٻِرهہ جي ٻري ٻري.

ساقي آهين سمجهي سگهين ٿو،
اُڄَ جو عالَم ڏِسي سگهين ٿو،
جوش سخا جو رکي سگهين ٿو،
جام ڏي هٿ سان ڀري ڀري.

"محمدڻ" سان تو قول ڪيا ها،
کهڙا کهڙا ٻول ٻَڌا ها،
وصل جا واعدا پاڻ ڏِنا ها،
هاڻي گهارين ڀَري ڀري.

ٿلهہ:

روز ازل کان آهي مُنهنجي،
دل آ توسان اَڙي اَڙي.

١- ننڊ ڦِٽي آرام هليو ويو،
گهاريان ڏک ۾ گهڙِي گهڙِي.

٢- وِرهه اوهانجي ونگي ڇڏيو آ،
قرب ۾ دل آ ڳَڙِي ڳَڙِي.

٣- پُڇڻ مريض ڪئون جائز آهي،
لاڙو ڪري اچ لَڙِي لَڙِي.

٤- "مَحمدڻ" پالي پيار جي خاطر،
سهندِي دل ڪيئن تَڙِي تَڙِي.

سردار محمدڻ فقير گهوٽو

Arif
m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto/گهوٽڪيء جو گهوٽ

اسم اللّٰه، جسم مُحمَّد ساڳيو سر تون دستگير
جيئي، جيئي شاھ جيلاني هر مظهر پيران پير

تون حُضور پُرنور صَلّيَ اللّٰهُ عَليهِ وَسَلَّم
تون ذات ڪبريا جي وڏائي ۾ ڪامل ڪُل قدير

اصحاب خلافت امامت ولايت ولي
اَلعُلماء وَرثۃُ الاَنبِياء، خيرُالورا خبير

غوثُ الاعظم قُطب العالَم مجدد حقيقت
اوتاد ابدال اولياء منجھ شاھ ميران مير

مرشدنا سيدنا ومولانا منجھ معرفت
ڪُنتُ ڪَنزاً مخفياً جي راز جا عين اللّٰه اڪثير

سخاوت شجاعت ڪرامت عنايت جا اولي الامر
رحمت شفقت جا بحر بي نظير

لمحات شمعات چراغ روشن
نورُ اعليٰ نورُ گوهر دل پذير

”محمدڻ“ عاجز، ”محمدڻ“ منگتو، ”محمدڻ“ منگي دان
جود ڪرم جي ڪمي نہ تو وٽ شاھِ نجف والي وزير۔

سردار
محمدڻ
فقير ڪبوتو

دل لُٽڻ جي واسطي ڪيڏا ڪرين سينگار تو،
پيچ پائڻ واسطي چوڙي چڏين تون وار تو.

ابتدا ۾ تو ڪيا ها قول کھڙا قربدار،
ھاڻي آخر ۾ ڪرين ٿو وھم ۽ ويچار ڇو؟

رَبِّ اَرنِي مون چيو ھو لَنتَرانِي تو چيو،
مام ۾ موسيٰ ھيو اسرار ۾ امرار ڇو؟

پيار مئون پيدا ڪري مھمان جنت جو ڪَيَئِہ ،
داڻي ڪائڻ جي سبب ايڏي سزا سرڪار ڇو؟

"محمدڻ" ھو ڏوھ ڪِٿ منصور جو مُلان ٻُلا،
توئي انا الحق چوايو پوءِ سزائيدار ڇو؟

چيف سردار محمود خان گھوٽو
المعروف
شھنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري قلندر

دم الله خيال مُحمّد،
اها برھ جي بازي سمجھي ڪير.

امر عشق جي ايئن ڪرايو،
عاشق ڪڍ وڇئون تون وير.

پنھنجي رمز پاڻ ٿو ڄاڻين،
پيد انھيءَ جو بيحد پير.

پنجتن پنج حواس ٿي پنھنجا،
ايئن پاڻ سڃاڻج پنھنجو پير.

چار عناصر چارئي يار پنھنجا،
ناھين انھيءَ ۾ ڦند ڪو ڦير.

روح پنھنجي ڪي راز سان ريجھايئہ،
جھڙو پاءُ تھڙو آن سير.

محبت خاطر ايئن ٻڌجي آئين،
آھين عليؑ،احمدؐ ھڪڙو شير.

راز "محمدڻ" رل مل سارو،
ڪھڙو آھي باقي ڪنھن جو غير.

شھنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير گھوٽو

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto OR

گھوٽڪيءَ جو گھوٽ

شهنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير گھوٽو

اصل آھيان مان اھوئي الله۔بُرقعو پائي ڀيد ڀُلايم

ھر ڪنھن خَرقي راز نرالو،ڪري ڪثرت وارو ڪَلاء
سڀ ڪنھن سان ڳجھو راز رَلايم

پنھنجي ڏسڻ جي خاطر ھتڙي،ڪَيم عشق سندوئي اپاء
موج انھيء ۾ ميم ملايم

ازخود مستي اظھار جي ڪَيڙو،ٻي نہ سُجھي ڪائي واھ
پوء راز رکي وري سرڙو سلھايم

ھن صورت جي سانگ سيھي ۾،وري شوق ڪيو شھنشاھ
موج منصوري ميدان ملھايم

سر "محمدڻ" ساڳيوئي آھيان،پر امر جو آڙاھ
جان جسم ڪي ھتڙي جلايم،

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto OR

گھوٽڪيء جو گھوٽ

دل جو كتاب كافي۔عاشق جي آ ڏسڻ لئہ ،
مظهر سچو سمايل۔آ پاڻ کي پَسڻ لئہ.

کرسي ۽ لوح جو آ نقش و نگار ناظر،
مستور ٿيو ظهور آ ۔ان راند جي رَسڻ لئہ .

سِر ۽ جبين ثابت اظهر عُروج آهي،
فارغ فکر فنا ٿيو ۔ گُن گيان جي گَسڻ لئہ .

مخمور و مست آهيان خوبن جو خيال دل ۾ ،
وسڪارو مئي جو آهی۔آئی آ رُت وسڻ لئہ .

سِر تي ٿئي سِر جو سودو صحيح سراسر،
منهنجو مُطالعو آهي۔اي "محمدڻ" کُسڻ لئہ

چيف سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

سخي سردار محمدڻ فقير قلندر

سرڪار ياعلي،حقدار ياعلي،سوالي ڪڏهن نه خالي،
درٻار ياعلي، ڏي ديدار ياعلي

بعد نبوت والي ولايت،قائم قيامت تائين امامت،
تنهنجي سخاوت،تنهنجي عنايت،دارين سندو مختيار ياعلي

هر مشڪل حاضر حامي علي آ،سڀ ڪامل رهبر وارث ولي آ،
اول آخر خَفِي جَلِي آ،وقت ڏُکئي اظهار ياعلي

ٿُنهنجي دران ٿئي سڀ جي پوري،ٻئي در ناهي اهڙي منظوري،
هر ڪامل اڪمل تنهنجي حضوري،تون حاضر هم دم هربار ياعلي

ٿُنهنجي نزاڪت تنهنجي لُطافت،تنهنجي شجاعت تنهنجي ڪرامت،
تنهنجي سعادت تنهنجي شهادت،سڀ صورت سيرت سردار ياعلي

فيض فقر جو دَرُ ٻي تون آن،هر حالت حيدر صفدر ٻي تون آن،
سڀ جو هادي رهبر ٻي تون آن،منهنجو اهو اعتبار ياعلي

جنهن کي ٻاهين جنهن کي ٺاهين،ڪنهن کي ڀانئين ڪنهن کي لاهين،
ڪنهن سان هردم حاضر آهين،اهڙا ٿُنهنجا اسرار ياعلي

مالڪ گنج خزانن جو تون،وارث وسيع جهانن جو تون،
فاضل حديث فرمانن جو تون،ٿُنهنجي ڪُل اختيار ياعلي

تون حوض ڪوثر جو ساقي ثابت،يارِمُحمّدؐياقي ثابت،
رَبّ پاڪ سان هڪ حق باقي ثابت،قوتِ پروردگار ياعلي

تي "محمدڻ" جي وئي پوري مُدعا،مليو شان شاهي ٿُنهنجي دَرَ جي گدا،
جيڪي تو وٽ آ سڀ راهِ خدا،ٿُنهنجا لائق ڀانيان لک بار ياعلي

سردار محمدڻ فقير گهوٽو

سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

عشق امام مهدي-دجال ڏئي جو ڳاريو،
جذبو مسيح دم آ-مُرده دليون جيئاريو.

مذهب منجهايا ماڻهو هرڪو ٻڪي ٿو ٻاتيون،
سياست ڇپايو سچ کي ڪُوڙن جون ڪيئي لاتيون،
ظاهر جا فرق توڙي-باطن پنهنجو سينگاريو.

فرقان جي فرمودي اسلام آ ايڪائي،
سمجهو سيئي سالڪ ٻوڙي ڇڏيو ٻيائي،
اتحاد ۽ ايثاري-هڪٻئي مٿئون گذاريو.

روح محمود ٻنجي بت شڪن سڏايو،
لات منات مدعي ڪوٽ ڪفر اُڏايو،
مسلم جنهين جو نالو-سِر کي اوئين سنواريو.

باطل بيهي نہ سگهندا غيرن جي ناهي امانت،
پاڪن کي پاڪ ملندو حامي سندي حمايت،
حق جو ڪمال هٿ ڪيو-وهم سيئي وساريو.

همت هُماءَ سمجهو ستي ڇڏيو مونجهاري،
بيسر ٿيو بهادر عقل ڪلي اختياري،
ڪلمو تلوار ڪامل-سورج سيني اپاريو.

توحيد جو آ مقصد حاصل ابدي حياتي،
فرقي فڪر فنا ڪيو درد جاڳائي ذاتي،
اسلام جي حقيقت-اوٽر ڏيئي اتاريو.

دل جو هي ديس "محمدڻ" آباد آهي ڪرڻو،
پهرين دنيا ۾ آهي مرڻئون اڳي جي مرڻو،
فصلِ بهار ٻنجي باغِ وطن سڌاريو.

صورت ۾ آ سَير سمورو-ذوق رکي ڏِس ذاتي وو يار

رِند پروڙن راز اِنهيءَ کي-مَردن مام سڃاتي وو يار

منصوريءَ جي مستيءَ ڏاران-ڪين ٿئي اثباتي وو يار

پوندي قبول تڏهن اي عاشق-هڻ هُئڻ کي لَا جي ڪاتي وو يار

قول ۾ رهه تون "محمدڻ" قرارو-ڇو ٿو ٿئين هرڏاتي وو يار.

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو صوفي القادري قلندر ؒ

M.FACEBOOK.COM/DARGAH MOHAMAD FAQİR
GHOTO OR گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

سالڪ سُڄاڻِن،سالڪ سُڄاڻِن،
سالڪ سُڄاڻن صفات.

هُوَ الاَوَل،هُوَالآخر،هُوَالباطن،هُوَالظاهر،
نُور سارو تجلات.

هِردي اندر ڪير ٿو ٻولي،راز رموزي عبدي اولي،
فرق ڪهڙو منجھ ذات.

نينان نرواري ، اوج اسراري ،
حُسن سارو اثبات.

پاڻ پوڄاگر پاڻ پوڄاري،بازي بازيگر جوڙي ساري،
"محمدڻ" ڪرين تسلات.

شهنشاهِ شاهان هادي سردار محمدؒ فقير گهوٽو

انسان سبحان اعظم شان،
ڇُوني بيڇُوني انسان اعليٰ

ڪتي آدمؑ شيثؑ اظهار ٿيا.ڪتي هابيل قابيل تڪرار ٿيا
ڪاٿي نوحؑ نبي عاد نروار ٿيا.بيرنگي رنگوني انسان اعليٰ

ڪاٿي دائودؑ دهشت سليمانؑ ٿيا.ڪتي موسيٰؑ ٻہ عيسيٰؑ عمران ٿيا
ڪتي ابراهيمؑ آذر نيشان ٿيا.دروني بيروني انسان اعليٰ

ڪتي ادريسؑ الياسؑ آثار ٿيا.ڪتي يعقوبؑ يوسفؑ دلدار ٿيا
ڪتي اسماعيلؑ اسحاقؑ ذبح دار ٿيا.خوني صهوني انسان اعليٰ

ڪتي افلاطون،طاليس،لقمان ٿيا.ڪتي بهرام،باقا،خاقان ٿيا
ڪتي سڪندر،دارا، شاهان ٿيا.گُوني بگوني انسان اعليٰ

ڪتي نمرود،شداد،فرعون ٿيا.ڪتي بلقيس،بهلول،هارونؑ ٿيا
ڪاٿي حاتم،هامان،قارون ٿيا.ديني بيديني انسان اعليٰ

ڪتي عبدالله احمّد ختم النبيؐ.ڪتي حسنؑ،حسينؑ و خاتون عليؑ
ڪتي اصحاب القاب عبد النبي.نگيني نگوني انسان اعليٰ

ڪتي رهبر هادي رحمان ٿيا.ڪتي معشوق،عاشق پريشان ٿيا
ڪتي سائين خادم حُڪمان ٿيا.نموني نموني انسان اعليٰ

ڪتي موسيٰ مدهوش ڪوه طور ٿيا.ڪتي سولي برسر منصور ٿيا
ڪتي مذهب مُلن مذڪور ٿيا.ناحقوني حقوني انسان اعليٰ

ڪتي مائٽ دوست برادر ٿيا.ڪتي مُدعي مُدعا شران شِر ٿيا
ڪتي حاڪم حڪمت سراسر ٿيا.ڏُوني يڪوني انسان اعليٰ

ڪتي موج "محمدؒ" مسرور ٿيا.ڪتي راز پوشي مشڪور ٿيا
جِت ڪِٿ هر رنگ حضور ٿيا.باطوني ظهوني انسان اعليٰ

چيف سردار محمود خان گهوٽو المعروف سخي سردار محمدڻ فقير قلندرؒ

ناز محبوب کي ڳَلَ ۾ پوندو.اِهو عشق جو سودو بحال آهي
ڪير ڪٽي هي درد جو بارُ.ڪنهن نہ بشر کي مجال آهي

خواب زليخان بيتاب جي ڪيَرُو.عشق سندوئي سوال آهي
يوسف جهڙو بازار ٿيو وڪرو.اهو جذبي ڪشش جو جلال آهي

ميهر محبت جهرجهنگ پيلن.ٻٽيو مينهِن جو ميهوال آهي
ڏس ڪيئن سُهڻي پوءِ سِيرَ ٻُڏي.اهو آهَ درد احوال آهي

رانجهن تخت هزارو ٽَرڪي.موڻ تنهن کي محال آهي
هِيرَ واسينگ جي ڦوڪ ۾ جلندي.اهو جوڳيء جو جنجال آهي

پهرين پيار پنهل جو ڪافي.اهو واعدي وفا ۾ وصال آهي
آخر سور سسئي کي سامهان.ڪاڻ ڪوه ڪمال آهي

"محمدڻ" محبت ٿَرڙي* ٽڙڪڻ.عشق عِنا* جي جمال آهي
عاشق آهَ اثر جو ڪائيندي.مذڪور مٿيون ئي مثال آهي.

هن جو هجڻ حجاب آهي ـ جيئن ابر مٿئون
آفتاب آهي ،

ايئن ڪيئن ٿيندي روشنائي ـ مٿان جسم
سندوئي گرداب آهي ،

ذاتي ظهورو ايئن نا ٿيندو ـ جڏهن تون مان
سندوئي تاب آهي ،

پئه پڌر نڪري حجابئون ـ اهو خاصن ڪي ته
خطاب آهي ،

وهم ڇڏي سڀ ٿيءُ وصالي ـ پوءِ مُک محبوبي
مهتاب آهي ،

باقي "محمدڻ" برسر بحالي ـ شائقن اهو
شتاب آهي ـ

(شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو
صوفي القادري السروري قلندر)

سُر ڪيڏارو

مونکي ماتم آهي شبيران ،
ڪُٺا ڪربل وچ صغيران .

هليا سات لڏائي سونهارا-ٻَڌي موڙ محب موچارا،
ڪاهي ڳَستئون قاف ڪوهيارا-آيا عشقئون شاھ ميران.

ڪَيئِن ڪوفين هدايت ڪائي-ڄاڻي شان سيد شهنشاهي،
رکي رايو امر الاهي-ڏِنَئين جان جسم تيران.

لڳي جنگ جوڌن جباري-ڪَيئون ڪُسندي وارئون واري ،
پوي قهر ڪوفين تي قهاري-جنهن ماريا مرد مهميران.

ڪيڏو ظلم ظالم ڪرايو-ڪارڻ دنيا دين وڃايو،
ڪيڏو سور سيد سهايو-بند پاڻي اَنُ اميران.

ٿيو ڪِيس ڪربل واري وادي-ڪئي ڪوفين پنهنجي خرابي،
لڏي هوت ويا ٿي بربادي-ڪيو حشر مَلڪن حُوران.

ويا مٽرا محب ماهي-ڏيئي سرڙا رکيئون تاج شاهي،
ٿيا مالڪ مُلڪ خدائي-رکي سر اڏيءَ تي پيران.

مردن مام "محمدڻ" موچاري-ڪوئي ڄاڻي سالڪ ساري،
ڪٽي بار بِرھ جو باري-ٿيو قيدي شام عابد اسيران.



شهنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

عشق امام مهديؑ-دجال دُئي جو ڳاريو،
جذبو مسيح دم آ-مُرده دليون جيئاريو.

مذهب منجهايا ماڻهو هرکو ٻَڪي ٽو باتيون،
سياست ڇپايو سچ کي ڪُوڙن جون ڪيئي لاتيون،
ظاهر جا فرق ٽوڙي-باطن پنهنجو سينگاريو.

فرقان جي فرمودي اسلام آ ايڪائي،
سمجهو سيئي سالڪ ٻوڙي ڇڏيو ٻيائي،
اتحادِ ايثاري-هڪٻئي مَٽئون گذاريو.

روح محمود ٻڻجي بت شِڪن سڏايو،
لات منات مدعي ڪوٽ ڪفر اُڏايو،
مسلم جنهين جو نالو-سِر کي اوئين سنواريو.

باطل بيهي نہ سگهندا غيرن جي ناهي امانت،
پاڪن کي پاڪ ملندو حامي سندي حمايت،
حق جو ڪمال هٿ ڪيو-وهم سيئي وساريو.

همت هُماءُ سمجهو ستي ڇڏيو مونجهاري،
بيسر ٿيو بهادر عقل ڪلي اختياري،
ڪلمو تلوار ڪامل-سورج سيني اياريو.

توحيد جو آ مقصد حاصل ابدي حياتي،
فرقي فڪر فنا ڪيو درد جاڳائي ذاتي،
اسلام جي حقيقت-اوتر ڏيئي اٿاريو.

دل جو هي ديس "محمدڻ" آباد آهي ڪرڻو،
پهرين دنيا ۾ آهي مرڻئون اڳي جي مرڻو،
فصلِ بهار ٻڻجي باغِ وطن سُڌاريو.

m.facebook.com/Dargah
Mohamad Faqir Ghoto

بر سینه از عشق ما صورت جانا ظاهر کرد
(اپنے سینے میں عشق سے صُورت جاناں کو ظاہر کیا)
آب گل را ذات حق سوئی معنی ظاهر کرد
(آب و گِل (خاک و پانی) سے ذات حق کی وہی معنیٰ آشکار کی۔)
دور شد در جذبه علم عقل و خود کشی
(اگرچہ علم و عقل اور خود کو شکست کرنے کا شوق کافی بعید تھا)
زنار بندم، ترک طیبی، ثابت صنعیانا ظاهر کرد
(لہذا میں نے زُنار باندھا، عیش ترک کیئے اور شیخ صنعان کی روش ظاہر کی)
مئی کشی منصور را آواز اناالحق در خودی
(منصور کی مئے کشی سے اندر (باطن) سے آواز اناالحق نکلی)
دار بر اسرار سر نیزی نیشانا ظاهر کرد
(پھانسی کے تختے پر و نیزے پر لٹکتے ہوئے ذات حق کے اسرار کو ظاہر کیا۔)
شاه خوبان می رقصم دید در پیشی فدا
(شاہِ خوباں کو جب دیکھا تو میں محو رقص ہوا اور ان کے سامنے فدا ہوا)
ناز طرزش عشقه همه شانا ظاهر کرد
(پیارے (ناز دکھانے والے) نے عشق کے ذریعے سب چیزوں کو آشکار کیا۔)
تخت عرشی نظر پیش خرقعه خاکی شد اختیار
(تخت عرش میرے پیش نظر تھا لیکن میں نے خرقۂ خاکی کو اختیار کیا)
مئی خواهی وصل باش پر پیمانا ظاهر کرد
(میری خواہش پر وصل جاناں سے لبریز پیمانہ ظاہر ہوا)
منم شهباز "محمدن" فیض از درگاهی شدم
(میں، "محمدن" اس درگاہ کے فیض و عنایت سے شہباز بنا۔)
همه اوست از هست ما ال آنا ظاهر کرد
(ہمہ اوست (سب وہ ہے) سے سب میں ہوں آشکار کیا۔)

(مترجم، فقیر طارق حیات لاشاری)

Arif

شهنشاه سخي سردار محمدنؒ فقير گهوٹو صوفي القادري قلندرؒ

سدا موجود

حق موجود

ٿي نہ عاشق پيِر ۔ شيخي پيريءَ کئون بِرھ بيزاري

کٽي ملامت مٿي منصوري ۔ فالم ٿيءُ تہ فقيِر

سر کفر جي فتويٰ وسائج ۔ ثابت رکي پنھنجو سيِر

پا ٹھئي عشق کندو اثباتي ۔ چڏ ھنر حيلا ويِر

جو کجھ آھين سوئي "محمدڻ" ۔ آھين مُلک ساري جو امير.

چيف سردار محمود خان گھوٽو

المعروف

شھنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير صوفي قادري قلندر

ARIF

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto



هندي ڪلام

ورگ ورگ جے سار، برم سری سو رنگ سمنتا

طرح طرح جي شين ۾ اها آتما (روح الاعظم) آهي.مالڪ
پنهنجي اندر ۾ سو رنگن ۾ موجود آهي

رانوڻ ڪرشن مورے نامش، گُرو جن پرتھ اُپڪار

رانوڻ، ڪرشن اهي سڀ منهنجا نالا آهن.گرو (مرشد) التجا
ڪرڻ جي شرط تي احسان،ڀلائي (اُپڪار) ڪئي.

درشٹ دیوے سمادھا ہرشے، نرگ سُرگ نمشکار

هر شيءِ ۾ ڌيان وسيلي اها ذات ڏس.جنت ۽ دوزخ کي
سلام ڪر(يعني ان جي طلب نه ڪر)

مرگ ملا رے جیئسے جیوت، شردھا رسیلے راجیکار

جيئن موت (مرگ) مليو آهي،تيئن حياتي (جيوت) به مليل آهي.
اعتقاد،ايمان(شرڌا) سان ئي تون مالڪ خدا تعاليٰ وٽ پهچي سگهين ٿو.

مصور مگر نا سرو پا دیوت، جگت جگت کا راجکمار

هو (مالڪ) نقش چٽيندڙ آهي،ڪيس نه سر آهي نه پير اٿس.هر
جڳهہ جو هو بادشاهہ آهي.

بیاس "محمدڻ" برس بھگوانے، پنڈت مالھا مرسار .

هي "محمدڻ" جي ڪُليل وضاحت باران رحمت (خدائي وسڪارو)
سمجهه.اي ديني عالم (پنڊت) هن ڪي نصيحت جي مالها پاءِ.

ARIF ARIF

شهنشاهہ ستگرو سردار محمدڻ فقير گهوٽو

هِتڙي جنهن سڃاتو-هُت بي ديدار ٿيندو،
هِتڙي نه جنهن سڃاتو-هُت بي انڪار ٿيندو.

جهڙي خيال جيئندين-هُت بي اوئين تون ٿيندين،
سيئي حساب ڏيندين-باطن اظهار ٿيندو.

سِرَ ڪي آهي سڃاڻ-پنهنجو پاڻ ڪي ئي ڄاڻ،
قطرو نه غير آڻ-فعلن مختيار ٿيندو.

آدم سندو ئي اولو-وهمن وِڏو آ رولو،
پائي بشر جو چولو-ثابت سردار ٿيندو.

صورت جو سانگ ٿاهي-ڪثرت بازي بنائي،
انسان مخزن آهي-اهڙو اقرار ٿيندو.

"محمدڻ" سڃاڻج معنيٰ-سا جند جان آهي جانا،
آباد ڪر آستانا-اصلي اسرار ٿيندو.

اصل آهيان اُهوئي الله- ٻُرقعو پائي پيڊ پُلايم

هر ڪنهن خرقي راز نه لڌو ڪري ڪثرت وارو ڪلاءَ
سڀ ڪنهن سان ڳجهو راز رلايم

پنهنجي ڏسڻ جي خاطر هتڙي، ڪيم عشق سندوئي اپاءَ
موج انهيءَ ۾ ميم ملايم

ازخود مستي اظهار جي ڪيئڙو ٻي نه سمجهي ڪائي واهه
پوءِ راز ڪي وري سرڙو سلهايم

هن صورت جي سانگ سيهي ۾ وري شوق ڪيو شهنشاهه
موج منصوري ميدان ملهايم

سر "محمدڻ" ساڳيوئي آهيان، پر امر جو آرام
جان جسم کي هتڙي جلايم.

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

سُهڻل ڪري نہ ماڻا ، پرديسيءَ کي پيار ڏي
سڪ منجهاريون سهڻا سائين عاشق کي ديدار ڏي

ديس ڇڏي پرديس تي آيس تنهنجي ڪري مجبور ٿي
خلق سڄي جون خواريون سِر تي مون ڪنيون منظور ٿي
ليڪي وري ڪين ٿو ليڪين اهڙا نہ آزار ڏي

دل ڦُري وري ڪين ڏسين ٿو اهو مونکي ارمان آ
هيءَ ويچارو بيوس ٿي تنهنجي قدمن تان قربان آ
ڏارين توڙي ڏِڪارين دلبرا هو اصل اقرار ڏي

تنهنجي ملڻ جي راتيان ڏينهان اِهائي مونکي آس آ
تنهنجي هٿان اي پرين پيارا پيالي پيئڻ جي پياس آ
پُرڪري پيمانو ڪٽي مونکي نروار ڏي

ماڻهو چَون "محمدڻ" الائي ڇو ٿيو مستان آ
تو هنيو هو تير نظر جو سو ٿيو نيشان آ
پانيان عنايت سڀ ڪجھ توڏانهن پنهنجوئي تون پيار ڏي.

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir OR گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

دل جو ڪتاب ڪافي-عاشق جي آ ڏسڻ لئهِ،
مظهر سچو سمايل-آ پاڻ کي پسڻ لئهِ

ڪرسي ۽ لوح جو آ نقش و نگار ناظر،
مستور ٿيو ظهور آ-ان راند جي رسڻ لئهِ

سِر ۽ جبين ثابت اظهر عُروج آهي،
فارغ فڪر فنا ٿيو-گُن گيان جي گسڻ لئهِ

مخمور و مست آهيان خوبن جو خيال دل ۾،
وسڪارو مئي جو آهي-آئي آ رُت وسڻ لئهِ

سِر تي ٿئي سِر جو سودو صحيح سراسر،
منهنجو مُطالعو آهي اي "محمدڻ" ڪُسڻ لئهِ

چيف سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير صوف القادري قلندر

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

مار نه ماڻا ڪري ڪري،
دلبر مونکي ذري ذري.

چاهه مئون چُوچي چڏي ٿي ڏيئي،
سوچ ۾ سمجھ سموري ويئي،
مشڪل ۾ آڪايا پيئي،
باهه ٻِرهه جي ٻري ٻري.

ساقي آهين سمجھي سگھين ٿو،
اُڄ جو عالم ڏِسي سگھين ٿو،
جوش سخا جو رکي سگھين ٿو،
جاآ ذي هٿ سان پري پري.

"محمدڻ" سان تو قول ڪيا ها،
کهڙا کهڙا بول ٻَڌا ها،
وصل جا واعدا پاڻ ڏِنا ها،
هاڻي گهارين پَري پري.

شهنشاهہ سخي سردار محمدنؒ فقير گهوٽو

قلب بیقرار تھا ، عالم رویا آشکار تھا
چشم نرگس محبوب سے ، جلوہ حُسن جھلکار تھا

مدہوش ہم ہوئا ہوں ، مجنوں جیسا پریشاں
ایسا شراب پلایا ، مستی خمر خمار تھا

ایک نظر محبوب سے ، منصور جیسا حال ھم
سولی پہ سر چڑھانا ، کوئی نہ مجھ سے عار تھا

راز و نہاں افشاں تھے ، چُھٹ گئی عقل کی حالت
غائب جسم حُباب سے ، روح خود اظہار تھا

عطار کہتا ہے بے خودی سے ، نعرہ مَن خُدا ایم
وہ بھی کوئی حال ہے ، ایسا مجھے نروار تھا

بشری کے بھید میں "محمدن" رکھنا حفظ مراتب ،
بے ہوش کب ہوئا ہوں ، گاہے کبھی ہوشیار تھا

مرحبا ، مرحبا ، مرحبا ، مرحبا

جڏهن محب آيو دل شاد ٿي.تڏهن گهر ويراني مان آباد ٿي،
مونکي سڪ سچيءَ مان هي امداد ٿي. مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

منهنجي ڏک درد جو ويلهو ويو.سدائين سکن جو سهيلو ٿيو،
مونسان قدرت قسمت ميلو ڪيو.مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

جڏهن يار جانيءَ جو جلوان ٿيو.تڏهن اڱڻ سارو شمعدان ٿيو،
مونسان محب مٺو مهران ٿيو. مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

اِنهيءَ عشق الهوت جي آشنائي ٿي. منهنجي سوڌل سهڻي جي شنوائي ٿي،
”محمدؒ“ خوشيءَ جي دلرُبائي ٿي. مرحبا ، مرحبا ، مرحبا.

سخي سردار محمدؒ فقير گهوٽو

سدا وسرن ڪين اباڻا - مونکي ميلِ عمرمارو من جا !

روڙ نهاريان واٽون تن جون - منهنجا نيڻ روئن ٿا نماڻا !

پلپل پورڻ پون ٿا تن جا - مونکي سورن سات ساماڻا !

ڪين اچي ٿو قرار ڪوٺن ۾ - مان ته واريون ٿي پانيان وچاڻا !

ماندي تن لئه ڏاڍي آهيان - شال ملندا ساهه سيباڻا !

"محمدڻ" سان اهي ملندا ڪڏهين - جن جا ٿاڪ ٿرن تي ٿاڻا .

چيف سردار محمود خان گموٽو

المعروف

شهنشاهِ سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري السروري قلندر

Photex
فوراً

سِڀُ حقيقي اُهوئي آهين - باقي پتڪڻ بيڪار ڏوليا !

گوندر گوشي غازي گذارج ،
پاڻهي عشق ڪندءِ اظهار ڏوليا !

چوڻو پنهنجو پاڻ کي رولين ،
اٿئي پاڻ ۾ پنهنجو ديدار ڏوليا !

هٿون همت کي چوڻو لاهين،
ناحق نه ٿي نادار ڏوليا !

موج مَنجهيئي من ۾ ڇانئج،
ڪر نينهن ايڻي نروار ڏوليا !

منجهه مئخاني "محمدڻ" سائين،
صوفي ٿي سردار ڏوليا !

شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو

خبر نہ پوي ٿي ڇا آهيان ڇا آهيان ،
محب چوي ٿو، ڇئُہ مان الله .

من ۾ دوست مست مدامي ،
ريءَ پنهنجي ٻيو ناهي ويساهہ.

هڪ هستيءَ ۾ ٻي ڪائي نہ هستي،
آهيان پير ڪامل اِلا الله .

هڪ وجود ۾ ٻہ نہ سمائجن،
سُڻ سائين جي هيءَ تہ صلاح.

بيخودي ڪيو خود جي مانڪي،
آهي منصوري مان مباح.

ڪفر اڇي مون قائم ڪيڙو،
بيشڪ آهيان بقاباِلله.

مستي "محمدؒ" من تي غالب ،
جاڳيو جذبو جوش جلال الله.

شهنشاه سخي
سردار محمدؒ
فقير گهوٽو


سج لهي سانجهي تيو مٿان آئي رات ،
پرينءَ ڄي اچڻ جي ڪانہ ٻُڌيسي بات ،
”محمدڻ“ پِرھ ڦٽي پِرڀات ، اڃان ساعت نہ
گَڏيو سپرين.

مرشد اسانون ايوين فرمايا ته غير خيال نه آڻينِ-پاڻ سڃاڻينِ،
مُوتُوْ قَبْلَ اَنتَ مُوتُوْ ڄاڻُ اهو تون ڄاڻينِ-پاڻَ سڃاڻين،
وَحدہٗ لا شرِيکَ لَہٗ هکو هک پڇاڻين-پاڻ سڃاڻين،
"محمدڻ" مرشد ٿيندءِ سائي-پاڻ سڃاڻين.

شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو
صوفي القادري السروري قلندرؒ

شهنشاهه سخي سردار محمدؒ فقير گهوٽو

ڏٺو جنهن در عجيب جو وسريون ٿن وايون،
پاڻ پروڙي پاڻ ۾ ويا مُوتُو مام ملايون،
احياءُ عِنْدَ رَبِّهِم گيت وڃن ٿا ڳايون،
"محمدؒ" اهي مرڻ ملهايون، اظهاري ٿيا
عجيب ۾.

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto OR گهوٽڪي ۽ جو گهوٽ

هندي ڪلام

منتر منتر موري بنسيا موهن - بيرس برجا بنتا ري

مالا شالا من ڪي مورچ،
فلڪ دئيري نہ سمنتا ري

آوت جاوت سانس ڪي در سي،
چيتڪ چرم سي چمنتا ري

سُگر سُگر موري بلشي بانور،
اورنگ سيس نگر نا سنتا ري

تاس تمش موري ڪالي شنتي ،
بٽنگ بٽنگ نا ڪر چنتا ري

عمس برتا برشي برقي ،
ائورس ائورس ارگ اگنتا ري

سري ڪرشن ڪنيا ”محمدڻ“،
آپس موھ ڪي مالا منتا ري .

شهنشاھ ستگُرو سردار محمدڻ فقير گھوٽو

مذهب منجهايا ماڻهو هرڪو بڪي ٿو باتيون،
سياست ڇُپايو سچ کي ڪوڙن جون ڪيئي لاتيون،
ظاهر جا فرق ٽوڙي باطن پنهنجو سينگاريو.

شهنشاهہ سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو
صوفي القادري السروري قلندرؒ

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto
OR گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

فارسی غزل

بر سینہ از عشق ما صورت جانا ظاہر کرد،
آب گل را ذات حق سوئی معنٰی ظاہر کرد،

دور شد در جذبہ علم عقل و خودکشی،
زنار بندم ترک طبی ثابت صنعیانا ظاہر کرد.

مئے کشی منصور را آواز اناالحق در خودی،
دار بر اسرار سر نیزے نیشانا ظاہر کرد.

شاہ خوباں می رقصم دید در پیشی فدا،
ناز طرزش عشقیہ ہمہ شانا ظاہر کرد.

تخت عرشی نظر پیش خرقعہ خاکی شد اختیار،
مئے خواہی وصل باش پر پیمانا ظاہر کرد.

منم شہباز "محمدن" فیض از درگاہی شدم،
ہمہ اوست از ہست ما ال آنا ظاہر کرد.

چیف سردار محمود خان گھوٹو المعروف سخی سردار محمدن فقیر صوفی القادری قلندر

سُڻ منهنجي سدا ۔ اسداللّٰه عليؑ

هي مال عيال قربان ڪريان هي جند جان آ توتئون فدا۔اسداللّٰه عليؑ
تنهجي ديدار جو آهيان طالب توکئون دم نه جاليان جدا۔اسداللّٰه عليؑ
تُنهنجي هجر حيران ڪيو توتي آهيان شيدا۔اسد اللّٰه عليؑ
”محمدڻ“ هنجُون نير وهائي ٿي گداگر ڪري گدا۔اسداللّٰه عليؑ

چيف سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري قلندرؒ

رنداني راز جي سَڏڙين ڪهڙي سُڌ،
نَصرُ مِنَ الله چئي ڪامل ڏين ڪنڌ،
"محمدڻ" هوڪو ماريائون هر هنڌ،
صحيح سُڃاڻي سِر ڪي -
شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو
m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto OR
گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

سردار محمد فقير صوفي القادري قلندر رحمة الله عليه

جي چوين آهيان قلندر، ڪر سڀ سامان ترڪ

رتبو مراتب ۽ ناموس، شان ۽ خودمان ترڪ

خيال خود منصور ڪر، مشرب رندي منظور ڪر

پنهنجو پاڻ کي مخمور ڪر، نام ۽ نيشان ترڪ

رند مست ٿي مُدام تون، ڪر عشق کي امام

تون

ثابت ڪجان ۽ اسلام تون، جُزوي عقل ايمان

ترڪ

انت الحق من الحق

انا الحق هو الحق

آپ کرو دوائی ۔ مسیحا میرے درد کی رے

حالت میری کا واقف تم ہو، کون کریگا شفائی ۔ مسیحا میرے درد کی رے

ٹو بن مجھکو کیس حیلا ، اور آپ کرو وفائی۔ مسیحا میرے درد کی رے

جان لبوں پر میری آتی ہے، اب سُر کی دیویں سوائی۔ مسیحا میرے درد کی رے

کھانا پینا کچھ نہیں راحت، لذت نہیں کا نُمائی۔ مسیحا میرے درد کی رے

"محمدن " مُدامی قریب المرگ ہے،اب تسلی دینا کائی۔ مسیحا میرے درد کی رے۔

چیف سردار محمود خان گھوٹو

عُرف

سردار محمدن فقیر صوفی القادری السروری قلندرؒ

یا محمدؐ یا علیؑ یا خاتونِ جنتؑ یا حسنؑ یا حسینؑ

سردار سيني، مهندار مڙني، آڌار امت مختيار نبيؐ آ

هيڏن همراه، وِلهين واه، نظر نيڪ نگاه،
شفادار امت اظهار نبيؐ آ

سونهن سندو سرتاج، پنجن تَنن جو پاج، آهي خاتون محشر ڏاج،
چمڪيدار امت جلويدار نبيؐ آ

يتيمن يار، غريبن غمخوار، شاهي شهريار،
حبدار امت وفادار نبيؐ آ

”محمدڻ“ مسڪين، ڪر تون تسڪين، ٿيندو نيٺ درسين،
ذميدار امت لُطف دار نبيؐ آ۔

سردار محمدڻ فقير گهوٽو

سردار محمدڻ فقير گهوٽوصوفي القادري قلندر

سچ لهي سانجهي ٿيو-مٿان آئي رات،
پرينءَ جي اچڻ جي ڪانہ ٻُڌيسي بات،
"محمدڻ" پِره ڦُٽي پرِڀات،اچان ساعت
نہ گڏيو سپرين

شهنشاهه هادي پاڪ جن پنهنجي وقت ۾ پنهنجي والد سڳوري جو عرس مبارڪ ٢١ ، ٢٢ ۽ ٢٣ رجب تي ڪندا هئا.ان عرس مبارڪ ۾ تمام وڏا وڏا عوشاق فقير شريڪ هوندا هئا،جن ۾ شهنشاهه فقير سيد انور علي شاهه سرڪار،مالڪ پاڪ محمد فقير گهوٽو،سخي داتا ولايت علي شاهه جُنگ جيلاني، فقير شهنشاهه غمدل سائين ۽ ٻيا ڪيترائي درويش ايندا هئا.هادي شهنشاهه جي فرمان موجب ته هڪ دفعي غمدل سائين فرمايو ته،"محمدڻ سائين تنهنجي نام تان قربان ٿيان جي ههڙا عوشاق گڏ ڪيا اٿئي". ۽ انور لال متي مذڪور چئني عوشاقن سان مخاطب ٿي فرمايو ته ،"محمدڻ سائين ٢١ ، ٢٢ ۽ ٢٣ تاريخ جو ميلو ٿو ڪري سيئي عهد ڪيو ته پنهنجو عرس به ٢١ تاريخ جو هوندو".

پوءِ سيني مذڪوره عوشاقن وچن ڪيو ته اسان جو عرس ٢١ تاريخ کان شروع هوندو پر صرف مهينو مٽيل هوندو.اهڙي طرح هاڻي انهن عوشاقن جا عرس مبارڪ ٢١ تاريخ کان ئي شروع ٿيندا آهن.

انا الحق ۔ مِن الحق

هُوَ الحق ۔ اَنتَ الحق

جنهن حياتيء جي طلب ڪرين ٿو۔سا ته سمجھ موت مثالي،
جنهن مرڻ ڪئون يار ٻڇين ٿو۔سو ته سمجھ موت وصالي،
راز انهيء جي رمز پڇاڻج۔يج هيڪر پنهنجي خود خيالي،
منجھ ظلمات ظهورو ظاهر۔ڪر تسڪين اها تسلاتي،
مرڻ انهيء جو گمان لاهي ڇڏ۔تي حلاجي همدم حالي،
موج "محمدڻ" پوء اسرار عياني۔پَس جلوا جمالي جلالي

چيف سردار محمود خان گھوٽو
المعروف
شهنشاهه سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري قلندر

انا الحق انا الحق

نون نروار ڪيو نينهن پنهنجي۔نہ تہ اصلي هُيس غيبي غيب گمان،

نڪا صورت مورت ڏسڻ پسڻ جي۔نڪو ڪو ظاهر نام نيشان،

معشوقي صورت مستان ڪيو۔ٿيو نُور احمدي احسان،

جنهن جي جلوي روشن عرش فرش ٿيو۔مانڪي بہ ڪَيئَنِ حيران،

محبوب مشاهدي مُصور آهيان۔توڙي هجان لاحد لامڪان،

سِرَ اِنهيءَ ۾ آ سير سمورو۔هت بہ آهيان اهو امڪان،

هن نظر وچي هُتي روشن ڪيو۔اهوئي ماڳ مڪان،

ظلمات ظهورو ازخود ٿِيڙو۔هن اولي منجهان انسان،

اسرار "محمدڻ" سارو عيان ٿيو۔جڏهين عشق ڪيو عُريان۔

چيف سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

شهنشاهہ سخي سردار محمدڻ فقير صوفي

القادري قلندر

مرشد اسانُون ايوين فرمايا ته غير خيال نہ آٹِين۔پاڻ سُڄاٹِين

مُوْتُوْ قَبْلَ اَنتَ مُوتُوْ ڄاڻُ اهو تون ڄاٹِين۔پاڻ سڄاٹين،

وَحدَہ لَا شَرِيکَ لَہ هکو هک پڇاٹين۔پاڻ سڄاٹين،

”محمدڻ“ مرشد تيندءِ ساٿي۔پاڻ سڄاٹين.

شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٹو

صوفي القادري السروري قلندر رح

عينَ عاليِ عقابِ اکيانَ۔ ميڏيِ سهڻيِ يار ديانَ

کاليانَ ڪجِليانَ شوريِ شوقَ شتابِ اکيانَ۔ ميڏيِ سهڻيِ يار ديانَ

عاشقانَ ديِ دل ڪَرِنَ فِراقيِ اهيِ شمعدانَ شبابِ اکيانَ۔ ميڏيِ سهڻيِ يار ديانَ

لٽڪيِ چٽڪيِ نازَ نزاڪت ڏيوَنَ دڙڪيِ ۽ دابِ اکيانَ۔ ميڏيِ سهڻيِ يار ديانَ

”محمدڻ“ ڪوئيِ شيِر دليِر هوويِ جيِڪو جهليِ تابِ اکيانَ۔ ميڏيِ سهڻيِ يار ديانَ۔

چيف سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

شهنشاه سخي سردار محمدڻؒ فقير صوفي القادري السروري

قلندر علیہ الرحمۃ

سدا موجود

حق موجود

جو دم جالين هِن جهان ۾۔سو گُوندر دم گُذار،

ڏُکن سندا ڏينهڙا،جهڙا اچني تهڙا گهار،

پائي ڏس پاڻ ۾،هيڏي هوڏي کين نهار،

حرص هوا کان پڇي وڃ،ٿي دنيائي کمن کئون بيزار،

مهڻا طعنا ساهي کڻُ تون،سِرَ تي باري ايندئي بار،

نظر منجھ تون نظر پچائج،رک هکا يار جي تار،

کُوڙي سنگت کوڙن يارن کئون ڌاريو ٿي ڌار،

يگانگي سان بيگانگي ٿيندي، هردم دوست سنڀار،

جيکي کرڻو سو اَڄُ کر تون، وري نه ايندئي وار،

ساعت ساعت کي سال سمجھ تون،ڏينهن آهين هِت چار،

دم هکڙو بي بها موتي سمجھ تون،غفلت ۾ نه گُذار،

عمر تنهنجي آ چل پل جو چٽکو،همٿ کر هک وار،

متان پشيماني کرين پوءِ،ٿئين رَدُ دوست جي ديدار،

”محمدڻ“ مرد ٿي هن ميدان ۾،کر روئڻ راتيان ڏينهان اختيار۔

سردار محمدڻ فقير گهوٽو

Arif

هِت غيب الغيب گمان
هُت صاحب سر سبحان

هِتي عاشق آهيان اداسي.هُت پياسن ڪيان پريشان
هِتي سختيون صدمان سهان ٿو.هُتي تخت مٿي سلطان
هِت حُسن لئي آهيان حيراني.هُت حُسن وارا حيران
عدم منجهان ٿيم آدم پيدا.پوءِ هِت نينهن ڪيَم نيشان
هِتي ٻانهو سيِ صورت جو.هُت شاهن جو شاهان
هِتي چاچو مامو ڪنهن جو.هُتي لاشريڪي لاثان
هِتي سِرَ ڪي سوليءِ سلهائڻو.هُتي اثباتي آهيان عُريان
هِت صفائي سچائي سرداري.هُت مالڪ ڪُل مَتئي جان
هِتڙي عشق اچي ته آزاريو.هُت معشوقي مستان
هِتي نفس مڪر شيطاني.هُت نفس ناهي شيطان
هِتي هُل هنگامون هرجاءِ.هُت جنگ ناهي ڪو جهان
هِتي هر ڪنهن سان هلان ٿو.هُتي جسم ناهي ڪا جان
هِتي ول ڇل رمزان نراليون.هُت ريت نڪا رسمان
باقي "محمدڻ" ٻِره جي خاطر.هِت آيس ٿي انسان

چيف سردار محمود خان گهوٽو

المعروف

شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري قلند

Photex
فوراً

ملفوظات#01

قبله هادي شهنشاه سخي سردار محمدڻ فقير گهوٽو
جن کان کنهن پڇيو ته سائين توهان ۾ محمد سائين
جن کي هتان جا ماڻهو گهڻ پڇاڻي ۽ سچائي سگهيا
۽ پري وارا فيض وٺي ويا اهو ڇا راز آهي؟ مالڪ
هادي فرمايو ته ، ڏيئو جڏهن ٻرندو آهي ته ان جي
هيٺان ويجهڙائي ۾ روشني ناهي هوندي باقي پري پري
تائين ان جي شعاعن سان روشني ٿيندي آهي.

(ملفوظاتِ سردار محمدؐ)

m.facebook.com/Dargah Mohamad Faqir Ghoto
OR
گهوٽڪيءَ جو گهوٽ

اسم اللّٰه، جسم مُحمَّد ساڳيو سر تون دستگير
جيئي، جيئي شاهه جيلاني هر مظهر پيران پير

تون حُضور پُرنور صَلّيَ اللّٰهُ عَليهِ وَسَلَّم
تون ذات کبريا جي وڏائي ۾ ڪامل ڪُل قدير

اصحاب خلافت امامت ولايت ولي
اَلعُلماء وَرثتُہ الاَنبِياء، خيرُالورا خبير

غوثُ الاعظم قُطب العالَم مجدد حقيقت
اوتاد ابدال اولياء منجهه شاهه ميران مير

مرشدنا سيدنا ومولانا منجهه معرفت
ڪُنتُ ڪَنزاً مخفياً جي راز جا عين اللّٰه اڪثير

سردار
محمدڻ
فقير گهوٽو

سخاوت شجاعت ڪرامت عنايت جا اولي الامر
رحمت شفقت جا بحر بي نظير

لمحات شمعات چراغ روشن
نورُ اعليٰ نورُ گوهر دل پذير

”محمدڻ“ عاجز، ”محمدڻ“ منگتو، ”محمدڻ“ منگي دان
جود ڪرم جي ڪمي نہ تو وٽ شاهہِ نجف والي وزير۔

سُھڻن جي صفت ۾ الله پاڻ آيو،
صورت ۾ سمايو،لاھوتي لاثان.

پائي خرقعو خاڪي-اچي ٿيو اوطاقي،
ڪاٿي ٿيو عوشاقي،محبت ۾ مستان.

حُسن جي سرداري-ازل جو اقراري،
ديدن جو درٻاري،ديداري دُڪان.

بشر ۾ مثالي - حقيقت وصالي،
جلالي جمالي ، نُوري ٿيو نيشان.

آيو سِر سينگاري - نينھن جي نظاري،
عاشق ٿي اوتاري ، مچايِئِن مئخان.

آيو سِر سجاڻ - پنھنجو پاڻ ڄاڻ،
نڪوئي غير آڻ ، بشر جو بَھان.

خاطر عشق اولو - پائي ميم چولو ،
رکي پاڻ اولو ، ملھايَئِين ميدان.

”محمدڻ“ اداسي - پيارل پياسي ،
ڪيو سڪ سناسي ، صورت لئہ سيلان.

شھنشاھ سخي سردار محمدڻ فقير صوفي القادري السروري قلندر

خسين بيلي گھوٽڪي

Visit page on facebook گھوٽڪيءَ جو گھوٽ

در شانِ اقدس شھنشاھِ شاھان ھادي دوران غوث زمان قطب الاقطاب مرشد و ھادي قبلہ سردارن سردار محمدڻ فقير گھوٽو صوفي القادري السروري قلندر

مرشد ھادي مالڪ مولا۔مھدي آ مھدار محمدڻ

صورت سيرت حُسن حقيقي۔سونھن پريو سردار محمدڻ

داتا دلبر دائم قائم۔دل سندو دلدار محمدڻ

روزِ ازل کان روح منھنجي ۾۔ٿُنھنجي آ تنوار محمدڻ

پياسو ٿُنھنجي فيض جو آھيان۔پيالا پُر پيئار محمدڻ

”موھِيَل“ کي آ پڪ پرينءَ ۾۔ھِت ھُت لھندو سار محمدڻ۔

Sufi Muhammad Arif

"Mohyal"

سيني جو سردار.محمدﷺ هادي پاڪ فقير

تنهنجي دَرَ تي سوالي اچن ٿا
خالي واپس ڪين وڃن ٿا
درد پنهنجي جي دوا وٺن ٿا
تون شافي شفادار

صورت تُنهنجي نُور نوراني
راز رکيل جنهن ۾ آهي رباني
تُنهنجو ڪونهي مَٽُ ۽ ثاني
سمجهو سڀ اسرار

محمد مالڪ پاڻ فرمايو
مون ۾ توم فرق جنهن پاتيو
پنهنجو پيڙو پاڻ بوڙايو
ٿيل ايهو اقرار

"موهيَل" تُنهنجو آهي ثناگر
منهنجي قبول هيء مدح ڪر
عشق پنهنجو پرپور عطا ڪر
مالڪ تون مختار.

Sufi Muhammad Arif

بيمار پيو آهيان ـ دارون دوا ڪري وڃ،
ديدار ڏئي تون دلبر۔ منهنجي شفا ڪري وڃ .

حاڪم حڪيم حاذق منهنجو تون مسيحا،
بيحد بخار بدني داتا دفع ڪري وڃ.

دنيا جي گردش ۾ آهيان ڏاڍو مان قاتل،
امراض سڀ روحاني رهبر رفع ڪري وڃ.

”موهِيَل“ مُدامي تنهنجو محبوب آهي ””محمدڻ““،
محبوب پاڪ سان تون هردم وفا ڪري وڃ.



Arif Mohyal

شهنشاه هادي سردار محمدؒ
عيبدار عاصي ذمي ٿي سنيالؒ

Arif Mohyal

چیف سردار محمود خان گھوٹو

المعروف

شھنشاہ سخي سردار مُحَمَّدؒ فقیر صوفي القادري السروري قلندر

حق موجود